# سنڌ آرڊيننس نمبر XXXIV مجريه 1984
# SINDH ORDINANCE NO.XXXIV OF 1984
# سنڌ سيڪيورٽيز ڪانٽريڪٽس ڪنٽرول (ترميم) آرڊيننس، 1984
# THE SINDH SECURITES CONTRACTS CONTROL (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

## فهرست(CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. سنڌ ايڪٽ VIII مجريه 1925 جي دفعه 4 ۾ ترميم.

Amendment of section 4 of Sindh Act VIII OF 1925

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXXIV مجريه 1984
# SINDH ORDINANCE NO. XXXIV OF 1984
# سنڌ سيڪيورٽيز ڪانٽريڪٽس ڪنٽرول (ترميم) آرڊيننس، 1984
# THE SINDH SECURITES CONTRACTS CONTROL (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[24 آڪٽوبر 1984]

آرڊيننس جنهن سان سنڌ سيڪيورٽيز ڪانٽريڪٽس ڪنٽرول ايڪٽ، 1925 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته وفاقي شرعي عدالت سنڌ سيڪيورٽيز ڪانٽريڪٽس ايڪٽ، 1925 ۾ ترميم ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي.

هن ايڪٽ جي ذريعي سنڌ سيڪيورٽيز ڪانٽريڪٽس ڪنٽرول ايڪٽ، 1925 ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي جنهن کي هيٺين طريقي سان تبديل ڪيو ويندو.

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ عبوري آئين 1981 جي حڪم جي تڪميل ۾ سنڌ جو گورنر خوشيءَ سان هن آرڊيننس کي تاهي نافذ فرمائي ٿو:

مختصر عنوان ۽ شروعات Short Title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ سيڪيورٽيز ڪانٽريڪٽس ڪنٽرول (ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هي في الفور نافذ ٿيندو.

سنڌ ايڪٽ VIII مجريه 1925 جي دفعه 4 ۾ ترميم. Amendment of

2. سنڌ سيڪيورٽيز ڪانٽريڪٽس ڪنٽرول ايڪٽ، 1925 جي دفعه 4 جي ذيلي دفعه (3) جي آخر ۾ اينڊ ڦل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺين شرطيه بيان جو اضافو ٿيندو.

section 4 of Sindh Act VIII OF 1925

”اسٽاڪ ايڪسچينج کي ٻڌڻ جو موقعو ڏيڻ بنا نامنظوري يا واپس وٺڻ، ڪڍڻ جو ڪو به حڪم جاري نہ ڪيو ويندو. “

**نوٽ:۔ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**